
# پريم لالواڻي

## چيئرمن، الَائنس آف سنڌي ايسوسئيشنس آف امريڪا



Prem Lalwani
*Chairman,* Alliance of Sindhi Associations of America INC
*Secretary General,* Indo-American Political League

ڀارت جي گلدستي ۾ سنڌي جاتي هڪ خوشبودار پشپ آهي، جنهن نہ صرف ملڪ ۽ قوم جي عزت ۽ آبروءَ ۾ اِضافو آندو، پر ان سان گڏوگڏ هنن آرٿڪ اُنتي، علم و اَدب ۽ شهري وڪاس جي هر حصي ۾ پڻ بهترين يوگدان ڏنو آهي.

جيڪڏهن اَسين اَنتر راشٽريہ سطح تي نظر ڊوڙايون ٿا تہ اُتي پڻ سنڌين پنهنجي بي پناه خوبين جو مظاهرو ڪيو آهي.

اَهڙين ئي خوبين جي مالڪ پريم لالواڻيءَ اَڄ کان ٻارهن سال اڳ شڪاگو ۾ 'اِنٽرنيشنل سنڌي سميلن' جو پايو وڌو؛ جنهن جي ٻارهين ڪڙيءَ تي پهچندي اهو اُتسو

ڊسمبر ٢٠٠٥ع ۾ بمبئيءَ ۾ ٿيو.

اَڄ اَسين ذڪر ڪريون ٿا آمريڪا جي ياءُ **پريم لالواڻيءَ** جو.

**جوَهراڻي:** **سائين پريم لالواڻي! اَسين توهان کان ڄاڻڻ چاهينداسين تہ توهان ڪهڙي دور ۾ سنڌ ڇڏي؟**

**پريم:** مونکي ياد آهي تہ ١٦ سيپٽمبر ١٩٤٧ع تي اَسان ڪراچي ڇڏي ۽ ١٨ تاريخ بمبئيءَ پهتاسين. سنڌ مان لڏي هند پهتاسين.

**جوَهراڻي:** **سنڌ کان هند ۽ هند کان وري آمريڪا ڪيئن وڃڻ ٿيو؟**

**پريم:** مان اَمريڪا ۾ اَعليٰ تعليم لاءِ ويس. آءٌ فبروري ١٩٦٤ع ۾ هند مان نِڪِتس ۽ شڪاگو ۾ پهرين هڪ اِسٽوڊنٽ طور ويس؛ جيڪو بعد ۾ منهنجو گهر بڻجي پيو.

**جوَهراڻي:** **ان حساب سان توهان تقريبا اَڌ جيون سنڌ ۾ ۽ پوءِ ڪجهہ عرصو هند ۾ رهي، باقي اَڌ زندگي ٻاهرين ملڪن ۾ گذاري آهي. توهان ٻڌائيندا تہ انهن ٻنهي تهذيبن ۾ ڪهڙو بنيادي فرق آهي؟**

**پريم:** سڀيتا ۾ تمام گهڻو فرق آهي! پر اَسين جڏهن سنڌ ۾ هئاسين تہ سنڌ ئي اَسان جي دنيا هئي. هاڻي جڏهن گلوبل ليول تي اَسان قدم رکيو آهي تہ سموري دنيا اَسان جي سنڌ آهي. سنڌ اَسين پاڻ سان گڏ کڻي آيا آهيون.

**جوَهراڻي:** **اُتي آمريڪا ۾ رهي توهان سنڌي سڀيتا کي ڪيئن زنده رکيو آهي؟**

**پريم:** اَسين سڀ اُتي گهڻو ڪري شاگرد هئاسين. پوءِ جڏهن ڪجهہ سنڌيت بابت خبر پيئي، تہ اَسان پندرهن ويهن ڄڻن گڏجي ١٩٦٥ ڌاري سوچيو تہ ڇو نہ پنهنجي هڪ 'سنڌي ايسوسيئيشن' ٺاهيون.

هڪڙو دوست هئو ڪلو ٿڌاڻي. اُهو مون کان بہ گهڻا سال اَڳوات ئي اُتي رهندڙ هئو. مون ان کي مُکي بڻائڻ جي رِٿ ڏني. آڪٽوبر ١٩٦٥ع ۾ اسان اها 'سنڌي ايسوسيئيشن' شروع ڪئي.

Our Sindhi Association is oldest in whole of U. S. A.

**جوَهراڻي:** **تَوهان کي اِها پريرڻا ڪٿان ملي؟ سنسٿا شروع ڪرڻ جو شوق هو يا اُن جي پٺيان ڪو جاتيءَ جي ڀلائي بہ هڪ مقصد هو؟**

**پريم:** ٻه ڳالهيون هيون! هڪ تہ منهنجي فيملي هندوستان جي آزاديءَ واري تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتندڙ هئي. منهنجو پتا صاحب ڊاڪٽر تاراچند لالواڻي ڳانڌيجي ۽ نهروءَ سان ڪانگريس ۾ هئو. هوُ ٽي دفعا جيل ۾ پڻ ويو هئو. ٩ آگسٽ ١٩٤٢ع تي ڳانڌيجيءَ کي گرفتار ڪيو ويو، ۽ ١٠ آگسٽ تي منهنجي پتا کي گرفتار ڪيو ويو. هيترا سال گذري ويا آهن، پوءِ بہ اَڃا تائين اها ڳالهہ ياد آهي. مونکي ياد آهي تہ اَسين پنهنجي پتا سان جيل ۾ گڏجڻ ويندا هئاسين.

ان طرح سنڌيت ۽ آزاديءَ جي تحرڪ جو جذبو جڻ اَسان جي خون ۾ سمايل آهي.

**جوَهراڻي: سو سنڌيت جو ٻج توهان جي ڪٽنب ۾ اڳ ۾ ئي هو، جيڪو هينئر وڏي سهڻو ٻوٽو ٿيو آهي. گهڻن ئي سنڌين آزاديءَ جي هلچل ۾ بهرو ورتو، فخر جي ڳالهہ آهي. ڇا توهان جو پتا صاحب اُن دوران ڪنهن اَهم عهدي تي هئو؟**

**پريم:** ها! رام! منهنجو پتا پنجٽيه ورهين جي عمر ۾ ئي ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو ميمبر بڻيو هئو. ٻيو تہ هنن سترهن سالن جي عمر ۾ .M.B.B.S پاس ڪئي. نوڪري ڪرڻ لاءِ هن کي هڪ سال بالغ ٿيڻ لاءِ انتظار ڪرڻو پيو. پوءِ جليانوالا باغ جي واقعي سبب هنن ڪراچيءَ ۾ Hospital مان Surgeon جي عهدي تان پڻ اِستعيفي ڏني. ائين هوُ مڪمل طور آزاديءَ جي تحريڪ سان جُڙي ويو ۽ هن 'Karachi Daily' هِڪ اِخبار ڪڍي.

اُهو هڪ Evening Paper هوندو هئو. ان طرح ڊاڪٽر تاراچند لالواڻي، راڄنيتي ۽ اَخبار نويسي سان جڙيل رهيو. اُن ڪانسواءِ هوُ ليبر موومينٽ ۾ پڻ سرگرم ڀاڱ وٺندو هئو.

**جوَهراڻي: آمريڪا ۾ توهان 'سنڌي اَيسوسيئيشن' ٺاهي! اُن ڪانپوءِ 'Alliance of Sindhi Associations of America' تائين ڪيئن پهتا؟ نئين سنستا برپا ڪرڻ لاءِ ڪهڙي مُراد هئي؟**

**پريم:** اَسين سموري دنيا ۾ پکڙيل آهيون. مون پئي سوچيو تہ اَسين

‘World Sindhi Congress’ ٺاهيون . پر پوءِ ان کي عملي روپ ڪونہ ڏيئي سگهياسين. جڏهن اَسان ۱۹۸۹ع ۾ سنڌي ايسوسيئيشن جي سلور جبلي پئي ملهائي، تڏهن مون چئن ڄڻن: ڊاڪٽر ڀڳوان شهاڻي، موتي لال ٻناڻي جڄ ۽ ٻن ٻين کي بہ گهرايو. مون کين پنهنجي ويچار کان واقف ڪيو. هنن سڀني کي اها ڳالهہ بيحد وڻي.

اُن هوندي بہ اِنٽرنيشنل سميلن لاءِ جُرئت ڪونہ ڪري سگهياسين. ٻين سان واسطو رکيو تہ اُهي پڻ هٿ ڪڍائڻ لڳا. ان طرح ٻہ ٽي سال نڪري ويا. مان ۽ ڪلو ٽڏاڻي،ٻئي گڏ هئاسين. اَسين ساڳي هاسپيٽل ۾ ڪم بہ ڪندا هئاسين. لنچ تي ويهي انهن ڳالهين بابت سوچيندا هئاسين. آخر مون چيو تہ جيڪڏهن شروعات نہ ڪبي تہ ڪنهن کي بہ خبر نہ پوندي. اِئين اَسان ’واشنگٽن ڊي. سي. ايسوسئيشن‘ سان سميلن ڪرڻ طئہ ڪيو. پر ٻہ مهينا پوءِ ان لاءِ بہ اَرچڻ اَچڻ لڳي ۽ اُنهن ساٿ ڇڏي ڏنو.

آخر اَسان نيو جرسيءَ ۾ پهريون سميلن ڪيو؛ جنهن ۾ ڏيڍ سؤ کن ماڻهو آيا. ٻئي سال نيو يارڪ ۾ ڪيوسين. جتي دادا جشن واسواڻيءَ کي گهرايوسين.

**جوَهراڻي:** **ڇا ان سنسٿا جو مکيہ مقصد صرف سميلن ڪرڻ هئو؟**

**پريم:** نہ! اَسان جو مقصد هئو تہ اَسين سموري دنيا جي سنڌين کي هڪ هنڌ گڏ ڪريون ۽ ڏسون تہ گڏجي اَسين ڇا ٿا ڪري سگهون! اَسان ۱۹۹۳ع کان سميلن ڪرڻ شروع ڪيا. بعد ۾ جڏهن شڪاگو ۾ اهو سميلن ٿيو تہ اُتي تہ هائوس فل هو.

**جوَهراڻي:** **’هائوس فل‘ مطلب؟ ڪيترا ماڻهو آيا؟**

**پريم:** اُتي ڇهہ سؤ ماڻهو آيا! انهن ڏينهن ۾ شڪاگو ۾ گهڻا سنڌي ڪونہ هئا. هاڻ اُتي ڪيترا ئي سنڌي اَچي چڪا آهن.

اُن کانپوءِ وري اَسان ٽورنٽو ۾ اُهو سميلن ڪيو. جيتوڻيڪ اُتي جولاءِ ۾ سميلن ٿيڻو هئو، پر اَپريل ۾ ئي سموري رجسٽريشن ٿي ويئي. پوءِ بہ ڪوشش ڪري ڏيڍ سؤ ٻيا Delegates بہ Adjust

ڪياسين. پر ماڻهن ۾ ڏاڍو اُمنگ هو تہ اَسين شرڪت ڪريون. ڪِٿان ڪِٿان ڪان ماڻهو آيا. پاڻ ۾ چاليہ پنجاہ سالن ڪانپوءِ گڏجي رهيا هئا. ان طرح ان سميلن ذريعي ڪيترن سوٽن، ماساتن ۽ مِٽن مائٽن کي پڻ مِلايو ويو.

ٻيو تہ اَسان جي نوجوانن کي بہ خبر پيئي تہ سنڌيت ڇا آهي!

**جوَهراڻي:** **اَمريڪا ۾ توهان گهڻا سال اهي سميلن ڪيا؟**

**پريم:** چوٿون سميلن ٽورنٽو ۾ ٿيو، پنجون فرانسسڪو، ڇهون اورلنڊو ۽ ستون شڪاگو ۾.

**جوَهراڻي:** **ميل ميلاپ ڪانسواءِ سميلن مان ٻيو ڪهڙو مقصد حاصل ٿيو؟**

**پريم:** اَصل مقصد هئو تہ اَسان سنڌين کي طاقت ملي. پوليٽيڪل پاور ملي. ٻهرين تہ اُتي اَسان سنڌين کي ليڪيندا ئي ڪونہ هئا! جڏهن اهي سميلن ٿيا، تڏهن ماڻهن جون اَکيون کليون. ٻهريون دفعو اَسان کي سنڌي هئڻ تي فخر جو اَحساس ٿيو!

**جوَهراڻي:** **توهان Alliance جو پايو تہ ١٩٨٩ ۾ وڌو، پر سميلن ڪرڻ ڪڏهن ڪان شروع ڪيا؟**

**پريم:** سميلن جي شروعات اسان ١٩٩٣ ڪان ڪئي.

**جوَهراڻي:** **نارٿ اَمريڪا ڪان ٻاهر نڪري اَوهان لنڊن ۾ سميلن ڪرڻ لاءِ ڪيئن پهتا. اُن جو مکيہ سبب ڪهڙو هو؟**

**پريم:** اَسين جيڪڏهن صرف آمريڪا ۾ ڪيون ها، تہ ڪيترا ٻاهريان ماڻهو ڪونہ اَچي سگهن ها. ٻيو تہ اَسين پڻ اُتي وڃون، جتي سنڌي وڏيڪ تعداد ۾ رهن ٿا. لنڊن ۾ آس پاس جا ڪيترا ماڻهو سميلن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آيل هئا.

**جوَهراڻي:** **ڇا هندوستان جي ماڻهن انهن سميلن ۾ حصو نہ ورتو؟**

**پريم:** تمام ٿورن ماڻهن، جو اَمريڪا مهانگو ملڪ آهي!

**جوَهراڻي:** **اهو سميلن شايد اَوهان ڏياريءَ جي Get Together ڪان شروع ڪيو هئو؟**

**پريم:** اهو غلط آهي! ڇيٽي چنڊ ٿيندو آهي، ڏياري، گرونانڪ جنم ڏن وغيره. انهن موقعن تي به پاڻ ۾ گڏبا آهيون. اَسين ڏياري ۽ ٻيا ڏڻ اَلڳ الڳ ملهائيندا آهيون. ٻيو ته ٽڙيل پکڙيل هئڻ سبب اَسان جا ٻار ٻين جاتين ۾ پئي ويا. تنهن لاءِ شروع کان پڻ اَسان جو اِهو مقصد هئو ته اَسان جي ٻارن جون سنڌين ۾ ئي شاديون ٿيڻ گهرجن. هرهڪ سميلن ۾ ڏه پندرهن مِٽي مائٽيءَ جا ڪاريه پڻ ٿيندا آهن.

**جوَهراڻي:** **هر جدا جدا سميلن ۾ مکيه کهڙيون ڳالهيون بحث هيٺ آيون آهن؟**

**پريم:** صرف هڪ ڳالهه نه آهي! ڪيترن ڊيليگيٽن کي ته هتي اَچي محسوس ٿيندو آهي ته ها، اَسين سنڌي آهيون! ڀهرين ڪجهه سنڌين تي ٽنولي ٿيندي هئي. هڪ عورت چيو، ته هاڻ جيڪڏهن اَهڙي ڳالهه ٿئي ته مان اُٺي ٻيهي چونديس ته ”ها! مان سنڌي آهيان.“ سميلن مان پل اَچا ڪجهه Concrete حاصل ڪونه ٿيو آهي. ڪا جڳهه ۽ سينٽر وغيره ڪونه ٺاهيو آهي؛ پر ماڻهن جي ذهن ۾ هاڻ اِها ڳالهه گهر ڪري ويئي آهي ته ’سنڌيت‘ ڇا آهي!

**جوَهراڻي:** **سنڌيت جو ٻج ڇَٽڻ لاءِ سپيتا جي کهڙي جهلڪ سميلن ۾ ڏني ويئي؟**

**پريم:** ڀهرئين سميلن کان ئي ڪلچرل پروگرام ٿيندا هئا. ڀهرين هنديءَ ۾ ٿيندا هئا؛ پر اورلنڊو ۾ وملا تواري، جيڪا پروگرام ڊئريڪٽر هئي؛ تنهن چيو ته اَسين ٻين جي ٻوليءَ ۾ نه پر سنڌيءَ ۾ ئي ڪلچرل پروگرام ڪنداسين. ان بعد اَسين هميشهه سڀ پروگرام سنڌيءَ ۾ ئي ڪندا آهيون. پوءِ اَسان هندوستان مان به آرٽسٽ گهرائڻ شروع ڪيا آهن. انهن جي مدد سان اُٺي ڪجهه نوان ڪلاڪار به آمريڪا ۾ پيدا ٿيا آهن.

**جوَهراڻي:** **انهن کان سواءِ ٻيا کهڙا اَهم فيصلا ورتا ويا؟**

**پريم:** اَسان جو مقصد آهي ته اَسين پنهنجي جاتيءَ کي Consolidate ڪريون ۽ سڄي دنيا ۾ وڃون ؛ جيئن سنڌين ۾ سجاڳي اچي. هاڻ

اَسين بمبئيءَ ۾ آياسين ۽ ان بعد سنگاپور ويندا سين. جتي جتي سنڌي ماڻهو هجن، اُتي اَسين وڃي سندن اُڃ مٽايون. چوندا آهن تہ ’جيڪڏهن جبل تو ڏانهن نٿو اَچي، تہ تون جبل ڏانهن وڃ!‘

**جوَهراڻي:** **تہ ڇا ٻارهن سالن جي لنبي سفر کان پوءِ بہ اَسين اَڃا سميلن معرفت سڃاڻپ کونہ آڻي سگهيا آهيون؟**

**پريم:** رام! توهان برابر ٿا سوچيو ؛ ڇو تہ اڃا سميلن ۾ ماڻهو گهٽ ٿا اچن!

**جوَهراڻي:** **سميلن ۾ وڏ ۾ وڏ ماڻهن ڪٿي شرڪت ڪئي ۽ اُن ۾ جوانن جو ڪيترو اَنداز هو؟**

**پريم:** پهرين تہ ٧٥% وڏي عمر جا هوندا هئا. هاڻ ٥٠% جوانن شرڪت ڪرڻ شروع ڪئي آهي. اِئين جوانن وري پنهنجي گروپ ٺاهي آهي. باقي ماڻهن جي شرڪت تہ هر هنڌ اَلڳ رهي آهي، سان فرانسسڪو ۾ هڪ هزار هئا. لاس ويگاس ۾ ٻارهن سؤ هئا. شڪاگو ۾ پندرهن سؤ هئا.

**جوَهراڻي:** **جي ايترا ماڻهو شرڪت ڪن ٿا تہ اها سٺي ڳالهہ آهي! ڇا هندوستان مان بہ گهڻيئي ماڻهو اَچن ٿا؟**

**پريم:** ها! تمام ٿورا اَچن ٿا! پر اُهي جيڪي Afford ڪري سگهن ٿا. جيتوڻيڪ ڪيترا سنڌي اَچڻ چاهين ٿا، پر Afford نٿا ڪري سگهن!

**جوَهراڻي:** **ڪن جو چوڻ آهي تہ ڊيليگيشن چارج نہ رکي وڃي! اُها ڪوٺ اَوهين Sponsorship مان حاصل ڪري سگهو ٿا؛ ڇو جو توهان جو رسوخ وڏو آهي!**

**پريم:** ١٩٩٦ ۾ آمريڪا ۾ اِنڊين ايمبيسيڊر S. S. Ray گڏيو. چيائين تہ جيڪڏهن توهان سنڌي پنهنجا Resources اِستعمال ڪريو تہ اَوهان هندوستان کان بہ وڌيڪ طاقت بڻجي سگهو ٿا. پر گوپالداس محبوباڻيءَ جنهن جي پنجاهين سالگرہ جڏهن جئہ هند ڪاليج، بمبئي ۾ ملهائي ويئي، تڏهن هن اُتي چيو تہ ”اَسان سنڌين وٽ ڏاڍو پيسو آهي، پر اُنهن مان ڪڍڻ بيحد ڏکيو آهي!“

َسمجهہ ۾ نٿو اَچي تہ اِئين ڇو آهي! ٻيون جاتيون تہ پنهنجي ڳڏيل مفاد لاءِ هڪدم پيسا ڪڍي ڏينديون آهن.

انهن ڳالهين سبب ڪڏهن ڪڏهن Dis-hearted بہ ٿي سگهجي ٿو. پر گيتا ۾ چيل آهي:

'Do your duty and don't worry for the fruits !'

**جوَهراڻي: لنڊن ۾ ڪيترا ئي سنڌي شاهوڪار آهن. اُتي تہ اَوهان کي اَهڙي تڪليف ڪونہ ٿيڻ کپندي هئي؟**

پريم: ها! هڪ شخص ، ميرچنداڻيءَ تہ ڏہ هزار پائونڊ بنا پڇڻ ڪڍي ڏنا! پر اَهڙا ماڻهو ڏاڍا گهٽ آهن.

جڏهن پهريون دفعو رام جيٺملاڻي Orlando ۾ آيو هئو، تہ ان ڏاڍي سٺي تقرير ڪئي هئي. هوُ اَهڙو تہ Enthusiastic ٿي ويو، جو چيائين تہ ''پريم! تون مونکي گهراءِ يا نہ گهراءِ؛ مان سميلن تي ضرور ايندس!''

هاڻ رام جيٺملاڻيءَ ڪجهہ ڏنو هوندو، تڏهن تہ اِئين چيو هونداَئين!

This itself is our success!

**جوَهراڻي: بلڪل! رام جيٺملاڻيءَ جي نظر تہ دور تائين وڃي ٿي! هن جي اونهي سوچ آهي ۽ سندس نگاہ اَندر تائين پيهي وڃي ٿي. هن ضرور سميلن ۾ ڪجهہ ڏٺو هوندو. ٻارهون سميلن بمبئيءَ ۾ ڪرڻ جو ويچار اَوهان کي ڪيئن آيو؟**

پريم: در اَصل ٢٠٠٠ع واري شڪاگو سميلن مهل ئي بمبئيءَ لاءِ رٿ آئي هئي. اُن لاءِ جئہ هند ڪاليج جي پرنسپال نانڪ شوداساڻيءَ اها رٿا ڏني هئي.

**جوَهراڻي: ڇئبو تہ ٢٠٠٠ع کان وٺي ٢٠٠٤ع واري لنڊن جي سميلن تائين بمبئي سميلن رٿجي ڪونہ سگهيو.**

پريم: برابر! نانڪ شوداساڻيءَ جي رٿ وقت ئي مونکي لڳو تہ اهو ڪجهہ ڏکيو آهي. پر ڳالهيون هليون ۽ آخر ۾ لنڊن ڪانپوءِ 'سهيوگ فائونڊيشن' ۽ 'سنڌي شان' ملي ڪري بمبئي سميلن

٣٠ - ٢٨ ڊسمبر ٢٠٠٥ع تي آيوجن ڪيو ۽ توهان کي آفرين آهي ٿن مهينن جي ٿوري وقت ۾ شاندار سميلن ڪيوَ!

**جوَهراڻي:** **توهان جي راءِ موجب بمبئي سميلن ۽ اَڳين سميلن ۾ ڪهڙو فرق محسوس ڪيو ويو؟**

**پريم:** ڇا آهي جو ڪنهن اِنسان کي پنج ٻار هوندا آهن، تڏهن بہ هر هڪ جي شخصيت نرالي هوندي آهي! ان ڪري انهن جي ڀيٽ ڪرڻ مشڪل آهي. هڪ ڳالهہ ضرور آهي تہ بمبئي سميلن ۾ اَهڙا گهڻا ماڻهو گڏيا، جيڪي ٻين سميلن ۾ ڪونہ آيا هئا.

**جوَهراڻي:** **بمبئي سميلن ۾ هندوستان جي ننڍن ننڍن شهرن برهانپور، اِندور، ڇتيسڳڙه، ستنا، ڪٽني، ناسڪ، ڌوليا؛ ڪِٿان ڪِٿان کان ماڻهو آيا. هنن ۾ بيحد اُتساه هئو. ٻاهرين ملڪن مان پڻ اَڍائي ٽي سوَ کن ڊيليگيٽ شريڪ ٿيا. مان ڄاڻڻ چاهيندس تہ توهان ڪهڙو وڏو خاص فرق محسوس ڪيو؟**

**پريم:** فرق اِهو هئو تہ اَسان کي مختلف ماڻهن سان ملي سنڌن ويچارن جي خبر پيئي. مونکي تہ هتيءَ اَچي خبر پيئي تہ اَڃا تائين اَسان جا ڪيترائي سنڌي سڄڻ غُربت منجهہ پڻ مبتلا آهن. ڪيترا تہ رڪشا بہ پيا هلائين ۽ ڏاڍي خراب حالت ۾ آهن!

مون پاڻ اُلهاس نگر ۾ وڃي ڏٺو تہ اَسان جي سنڌين جي اُتي ڪهڙي حالت آهي. هنن جون جڳهيون ڊهي رهيون هيون ۽ ڪيترا تہ پَٽ تي وينا هئا. هينئر اَسين جيڪا ’گلوبل سنڌي ڪائونسل‘ ٺاهي رهيا آهيون، اها بہ هن سميلن جي حاصلات آهي.

**جوَهراڻي:** **’گلوبل سنڌي ڪائونسل‘ سنسٿا جيڪا رام ڄيٺملاڻيءَ رجسٽرڊ ڪرائي آهي؟**

**پريم:** ها! هاڻ اَسان کي ٻئين ڏاڪي تي وڃڻو آهي. ان لاءِ اَسان کي غريب سنڌين جي سهايتا ڪرڻي پوندي. مون کي U.S.A. ۾ اُلهاس نگر مان فون ايندا هئا تہ اَسان جي ڏاڍي خراب حالت آهي. ڪيترن کي تہ گهر بہ ناهن. گهر آهي تہ دروازو ناهي. تڏهن مون کين چيو تہ اَوهين ’گلوبل سنڌي ڪائونسل‘ سان ڳالهايو. اُهي

توهان جي سهايتا ڪندا! خود توهانکي بہ خبر آهي تہ اسين ٽِن-چئن فئملين کي اَهڙي مدد ڪري بہ چڪا آهيون.

**جوَهراڻي:** **ها! پيسا بہ ڪين پهچايا ويا آهن!**

**پريم:** ٻارهن سالن ۾دُنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچڻ لاءِ ’گلوبل سنڌي ڪائونسل‘ جو برپا ٿيڻ؛ اها هڪ وڏي حاصلات آهي!
Finally , we have reached the stage...

**جوَهراڻي:** **توهان جيڪو ٻارهن سالن کان چاهيو پئي، اهي خواهشون هتي اَچي بمبئيءَ جي سميلن ۾ پوريون ٿيون. ڇا توهان انهيءَ ڳالهہ سان سهمت آهيو تہ بمبئيءَ جو سميلن صرف اَميرن لاءِ ڪونہ هو؟**

**پريم:** برابر ٿا چئو! اَسان کي اَميرن-غريبن، سڀني سنڌين کي گڏ ڪٺي هلڻ گهرجي ۽ ها، ڪيترا چوندا آهن تہ سميلن تہ سپ ساڳيا، پوءِ روز روز ڇو اَچجي! اهو سمجهڻ کپي تہ ٽن هزار سالن کان اَسين دسهڙو ملهائيندا رهيا آهيون. تڏهن اِئين سمجهو تہ اَسين هر سال پاڻ ۾ گڏجي سميلن جي مقصد کي مضبوط ڪري رهيا آهيون. جيڪڏهن سميلن مضبوط آهي تہ جاتيءَ کي پڻ مضبوط ڪري سگهبو. تنهن لاءِ تمام ڊيليگيٽس جي ڊيوٽي آهي تہ هوُ جيترو وڌيڪ اَچي سگهن، اوترو وڌيڪ سٺو!

ٻي اَهم ڳالهہ تہ هر سميلن ۾ اَسين اَهم سنڌي شخصيتن کي گهرائيندا آهيون، جن جي حاصلاتن جي ڄاڻ مان اَسان جي نوجوان پيڙهيءَ کي پِريرڻا ملي ٿي.

**جوَهراڻي:** **بمبئي سميلن ۾ اَوهان کي’موهن جو دڙو‘ جون کهڙيون جهلڪيون نظر آيون؟**

**پريم:** اِسٽيج ۽ بيڪ اِسٽيج کي سٺي نموني ’موهن جو دڙو‘ وانگر ٺاهيو ويو هو.

**جوَهراڻي:** **’موهن جو دڙو‘ هئو. سنڌو نديءَ جو ڪنارو هئو. سنت ڪنوررام چوڪ هئو. جهولي لال مندر هئو. اِهي سپ ڳالهيون مان سمجهان ٿو تہ اَڳين سميلن ۾ ڪونہ هيون!**

**پريم:** ها! هتي اها اَصليت (originiality) هئي. تڏهن ئي تہ مان چوان ٿو تہ هرهڪ سميلن کي پنهنجي خصوصيت هوندي آهي. هتان جهڙي سنڌيت اَسان کي ڪٿي بہ ڪونہ ملي آهي. سميلن ڪانپوءِ اَسين وري ٻاهرين ڊيليگيٽس کي سنڌ جي دوري تي بہ وٺي وياسين.

**جوَهراڻي:** **سنڌ جي سفر جو ڪجهہ تجربو؟**

**پريم:** اَسان کي سنڌ ۾ سنڌي هندو ڏاڍا Prosperous نظر آيا. اُتي سنڌي هندو ۽ سنڌي مسلم، ٻنهي جي پاڙ ۾ ڏاڍي ڀائپي آهي. جيئن تہ سنڌ ۾ ڪيترا Refugees اَچي چڪا آهن، جنهن ڪري سنڌين جي ڳٽپ بہ اُتي گهٽجي چڪي آهي. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ تہ هينئر گهٽيئي ٻاهريان آيل آهن.

**جوَهراڻي:** **توهان هندوستان ڪانپوءِ ڇا سنڌ ۾ بہ اَهڙو سميلن ڪرڻ بابت ڪجهہ سوچي رهيا آهيو؟**

**پريم:** اِئين ڳالهيون هلن پيون. سنت ساڌرام بہ ڪجهہ ڇاهنا ڏيکاري آهي. ڪجهہ چيو آهي. انهن جو ڌام ڏنوسين. هنن سنڌ ۾ پاڻ وٽ اَهڙو سميلن ڪرڻ جي رٿ ڏني آهي، پر اَڃا ڪجهہ سال لڳندا ڇو تہ اُتي هينئر حالات بہ ڪجهہ اَهڙا ٺيڪ ناهن. هزار، ٻن هزارن ماڻهن جي سيڪيورٽي جو بہ خيال رکڻو آهي.

**جوَهراڻي:** **هينئر ايندڙ سميلن ڪٿي ٿيڻو آهي؟**

**پريم:** بہ ڏينهن ٿيا آهن؛ جو مان سنگاپور مان موٽيو آهيان. اَسان ڪانٽرئڪٽ سائن ڪيو آهي. مان سمجهان ٿو تہ تمام سنو سميلن ٿيندو. اُتي اَٺ هزار سنڌي رهندڙ آهن. 'سنڌي اَيسوسيئيشن' پڻ ١٩٢١ع کان نهيل آهي. اُتي ڪين پنهنجو آشرم آهي.'سنڌو سينٽر' اَٿن. ٻئين ماڙي تي مندر اَٿن، پهرئين ماڙي تي ڪانفرنس روم ۽ ڊائننگ روم اَٿن. هوُ اُتي هميشهہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندا رهندا آهن.

جتي سنڌي سٺي تعداد ۾ رهن ٿا، اَسين اُنهن وٽ سميلن ڪرڻ ٿا وڃون. هانگ ڪانگ، اِنڊونيشيا، ٿائلنڊ ۽ ملائيشيا ويجها آهن.

جتي پڻ ڪيترائي سنڌي رهندڙ آهن، جن کي پنهنجون سنڌي ايسوسيئيشنس آهن.

**جوَهراڻي: اَسان جا نوجوان اَهڙن سميلن مان ڪهڙي اُميد رکن ٿا؟**

**پريم:** نوجوان ٻاهر جا هجن يا هتي جا رهندڙ ، اُنهن جا ويچار ساڳيا آهن. اَسين پڻ انهن ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيندا آهيون.

**جوَهراڻي: اَسان کي بمبئي سميلن ۾ نوجوانن لاءِ ڊسڪو پروگرام رکڻ لاءِ زور ڀريو ويو! ڇا اهو صحيح هئو؟**

**پريم:** ڏسو! جيڪڏهن اَوهين اهو نه ڪندا ته اَسان جا نوجوان اَسان ڏانهن ڪونه ڇِڪبا. اَسان کي ڏاڪي بڏاڪي اَڳتي وڌڻو آهي. ڇيو ويندو آهي ته اَسان کي اهو ڪجهه ڏيڻ کپي، جنهن جي گهرج آهي. اهو ڪجهه نه ؛ جنهن جي گهرج ئي ناهي. ان لاءِ به Combination ٿي ڪرڻي پوي. اَسين پڻ هنن مان In-put وٺڻ چاهيندا آهيون.

**جوَهراڻي: اَسان کي هتي جيڪو ڊسڪو رکڻ لاءِ ڇيو پئي ويو، اُهو سنڌي سنسڪرتيءَ جي لحاظ کان شايد صحيح ڪونه هئو. ڇا اُهو اَڳئين سميلن ۾ رکيو ويو هو؟**

**پريم:** تڏهن ته آءٌ چوان ٿو ته هر سميلن کي پنهنجي خصوصيت آهي. اِئين نه چئي سگهبو، ته هُتي هيئن ٿيو ته هِتي به اِئين ٿئي؟ اَسين هر Situation سان Adjust ڪندا آهيون. اِئين ئي اَسان آهسته آهسته Progress ڪئي آهي. تڏهن نوجوان به اَسان کي چون ٿا ته اَسين اَوهان وٽ اَچون ٿا ته اَوهين به اَسان لاءِ ڪجهه پروگرام رکو. جنهن ڪري اَسين هنن لاءِ ڪجهه اَلڳ پروگرام رکندا آهيون. جيڪڏهن اَسين اِئين ڪونه ڪنداسين، ته تڪليف ٿيندي. سميلن کي نرسري به ناهڻي آهي ته بزرگن لاءِ گانا بجانا به رکڻا آهن.

مان اَوهان کي ٻڌايان ته اَسان جي سميلن جي مدد سان جن نوجوان سنڌين جون پاڻ ۾ شاديون ٿيون آهن، انهن مان ڪيترن کي ته هينئر ٻار به آهن. اُهي ٻار به هينئر ڏهن سالن جي عمر جا

ٿي ويا آهن. تڏهن اُهي وچولي عمر وارا به هاڻ چاهين ٿا، تہ هوُ پنهنجي ٻارن کي اَسان جي سميلن ۾ وٺي اَچن.

**جوَهراڻي:** **اِهو سچ آهي تہ اَڄ هر سماج ۾ شادي مراديءَ جو به وڏو مسئلو ٿي پيو آهي. ان لاءِ سميلن جيڪڏهن ڪجهہ ڪري ٿو تہ سٺي ڳالهہ آهي. بمبئي سميلن وقت رام جيٺملاڻيءَ جي رهبريءَ ۾ 'گلوبل سنڌي ڪائونسل' جو ٺهڻ بہ هڪ وڏي ڪاميابي آهي. اُميد تہ جولاءِ ۾ سنگاپور ۾ ٿيندڙ سميلن کي اَڃا بہ وڌيڪ ڪاميابيون ملنديون. اِن اُميد سان اَسين اَوهان کان موڪلايون ٿا. مهرباني!**

**پريم:** رام! توهان جي مهرباني! توهان مون کي ڏيهي پرڏيهي سنڌين جي ڪاميابين ۽ قربانين تي ڳالهائڻ ڏنو!